# جتڪي ٻولي

تحقيق ۽ تصنيف

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌي
لئنگئيج
اٿارٽي

# جتڪي ٻولي

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

مددگار

منير احمد ميرجت

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

حيدرآباد، سنڌ

1424 هه/ 2003ع

# عنوانن جي فهرست


ناشر طرفان .............................. هه - و

مهاڳ ....................................... ز - ي


## ڀاڱو پهريون

## تاريخي پس منظر


باب پهريون.......... جت بلوچ، تاريخ جي روشنيءَ ۾ 9-24

باب ٻيو.......جت بلوچ- شاهه عبداللطيف جي نظر ۾ 25-33

باب ٽيون .................. جتڪي ۽ قديم سنڌي 34-38


## ڀاڱو ٻيو

## جتڪي ٻولي جو گرامر


باب چوٿون ................................ اسم 41-44

باب پنجون ............................... صفت 45-47

باب ڇهون ............................... اضافت 48-50

باب ستون ................................ ضمير 51-59

باب اٺون ............. عدد: واحد ۽ جمع 60-67

باب نائون .......................... حرف جر 68-73

باب ڏهون ........................ استفهام 74-78

باب يارهون ............................ فعل 79-90

باب ٻارهون ........................... زمان 91-99

## ڀاڱو ٽيون

### جتڪيءَ جا مقامي محاورا، لهجا ۽ ڳالهه ٻولهه

باب تيرهون......... جتڪيءَ جا مقامي محاورا ۽ لهجا 103-106

باب چوڏهون ......................... ڳالهه ٻولهه 107-116

## ڀاڱو چوٿون

جتڪي- سنڌي لغات 119-144

# ناشر طرفان

ٻوليون، هڪ ٻئي جي اثر ۾ سهاري هيٺ وڏي ويجهي ۾ ترقي ڪنديون رهنديون آهن. سماج ۾ تبديلي، ترقي ۾ اوسر جو اثر ٻولين جي تبديلي، ترقي ۾ اوسر تي ٿيندو رهيو آهي. اڄ دنيا جي اڪثر سماجن ۾ ٻه يا ٻن کان وڌيڪ ٻوليون مختلف حيثيتن ۾ استعمال ٿي رهيون آهن. ٻه يا ٻن کان وڌيڪ ٻوليون جڏهن ڪنهن سماج ۾ واپرائجن ٿيون، تڏهن هڪ ٻوليءَ جا لفظ، اصطلاح ۽ محاورا ٻي ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيڻ لڳندا آهن ۽ ڪجهه حالتن ۾ هڪ يا ٻي ٻوليءَ ۾ ضم ٿي، انهيءَ ٻوليءَ جا ٿي ويندا آهن. اهڙي طرح ٻولين جي لفظي خزاني ۾ واڌ ويجهه اچڻ سميت ڪيترين ٻولين جي هيئت، املا ۽ صورت ۾ پڻ فرق ايندو آهي ۽ ٻوليون تبديليءَ سان گڏ اوسر ۾ ترقي به ڪنديون رهنديون آهن.

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، پنهنجي مقصدن کي آڏو رکندي، سنڌ جي جدا جدا ڀاڱن ۾ ڳالهائي ويندڙ سنڌي ٻوليءَ جي لهجن، محاورن ۽ ٻين مقامي ٻولين جي تقابلي جائزن تي ڪتاب تيار ڪرائڻ وارو ڪم به پنهنجي ذمي کنيو آهي. ان سلسلي ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران پنج ڪتاب 'سبيءَ جي ٻولي'، 'ماڇيلي- اوٻاوڙي جي ٻولي'، 'شڪارپور جي ٻولي'، 'ماچر- ڪڪرالي- ڪاري جي ٻولي' ۽ 'ٿر جي ٻولي' شايع ڪرايا ويا آهن، جڏهن ته 'براهوي- سنڌي ٻوليءَ جو تقابلي جائزو' جي عنوان سان، سنڌي ۽ براهوي ٻوليءَ جي سماجي لسانياتي جائزي تي مشتمل ڪتاب پڻ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي.

ان ئي سلسلي جو هي اهم ڪتاب 'جتڪي ٻولي' اوهان جي هٿن تائين پهچائيندي انتهائي خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون جو سنڌي ٻوليءَ جي وڏي عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، هي ڪتاب پنهنجي علمي تجربي ۾

تحقيق جي روشنيءَ ۾ تيار ڪري، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي حوالي ڪيو آهي. ان ڪان اڳ اهڙي مهرباني ۽ سنڌي ٻوليءَ سان چاهه جو اظهار ڪندي ڊاڪٽر صاحب، شاهه سائينءَ جي ڪلام جي لغت 'روشني' پڻ اٿارٽيءَ جي حوالي ڪئي هئي، جيڪا ڇپجي پڌري ٿي چڪي آهي. اسان سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ ترويج لاءِ قائم ڪيل هن اداري تي اعتماد لاءِ سندن ٿورا مڃيندي هي ڪتاب اوهان جي هٿن تائين پهچائي رهيا آهيون. اميد ته سنڌي ٻوليءَ جي اوسر، ارتقا ۽ سماجي لسانيات ۾ دلچسپي رکندڙ هن ڪتاب مان وڌ ۾ وڌ لاڀ پرائي، سنڌي ٻولي ۽ سماج جي ترقيءَ لاءِ پنهنجون صلاحيتون ڪتب آڻيندا.

ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو

12 اپريل 2003

# مهاڳ

ٻاويهہ سال کن اڳ 1980ع ۾ شايع ڪيل 'سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ' ۾ هيٺين حقيقت ڏانهن ڌيان ڇڪايو ويو هو تہ:

> جتن ۽ نَڪُرن (سوڍن) جي ٻولين ۾ پنهنجي پنهنجي خاص خصوصيت آهي جيڪا شايد اڳئين تاريخي دور جي يادگار آهي ۽ جنهن مان سنڌي ٻوليءَ جي آڳاٽي خاڪي بابت ڪي نتيجا ڪڍي سگهجن ٿا.

اهڙن صحيح نتيجن تي پهچڻ لاءِ وڏيڪ تفصيلي تحقيق جي ضرورت هئي، خاص طرح جَتڪيءَ بابت جنهن ۾ قديم سنڌيءَ جا ڪي اهڃاڻ موجود آهن. هي مطالعو اهڙي تحقيق طرف پهريون قدم آهي.

'سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ' ۾ واضع ڪيو ويو هو تہ جتڪي ٻولي 'جتن بلوچن' جي قبائلي ٻولي آهي. سنڌ ۾ خاص طرح ميرجت قبيلا هي ٻولي ڳالهائين ٿا ۽ ان کي 'مير جتڪي' بہ سڏي سگهجي ٿو. مگر ڪڇ ۾ 'نتيار جت' بہ ساڳي ٻولي ڳالهائين ٿا ، انهيءَ ڪري هن ٻوليءَ کي جملي جت قبيلن جي نالي سان 'جتڪي' چوڻ مناسب ٿيندو. 'مير جتن' ۽ 'نتيارن' کان سواءِ جتن جي ٻين نُکن پاڙن جي هن وقت عام ٻولي سنڌي آهي پر ان ۾ بہ سندن اصلي ٻولي 'جتڪي' جا ڪي الفاظ موجود آهن.

جتڪيءَ جا ڳالهائيندڙ سڀ جت بلوچ آهن جيڪي ٻين بلوچ قبيلن کان گهڻو اڳ ايران مان هجرت ڪري سنڌ ۾ آيا ۽ اتان اڳتي ڪڇ تائين ويا. قبل از اسلام واري دور ۾ ڪي وري ايران ويا پر جيڪي گهڻي وقت تائين سنڌ ۾ رهيا تن ان وقت جي سنڌي ٻولي اختيار ڪئي. اسلامي دور ۾ ايران - عراق ۽ سنڌ جي وچ ۾ قافلن جي سرواڻن طور آيا ويا. انهيءَ ڪري ٻين بلوچ قبيلن جي بلوچي ٻولي (۽ ان جي مختلف محاورن) وانگر 'جتڪي' تي بہ عربي ۽ فارسي

جو اثر پيو جنهن جا ڪي ميساريل آثار جتڪيءَ ۾ ملن ٿا. پر 'جتڪي' ۾ قديم سنڌيءَ جا آثار وڌيڪ نمايان آهن.

اهو ڄاڻڻ ضروري آهي ته 'جتڪي' مان مراد اُٺن ڌاريندڙ عام پيشي وارن جتن جي ٻولي ناهي: ڏنڌي- پيشي وارو اٺ ڌاريندڙ ۽ پاليندڙ هر ڪو جت پنهنجي قوم قبيلي واري ٻولي (سنڌي، سرائڪي، ڍاتڪي وغيره) ڳالهائيندو. جتڪي، پيشي جي لحاظ سان نه پر نسل جي نسبت سان جتن بلوچن جي ٻولي آهي.

يوروپي لکندڙن، نالي ڀُل سببان، هندوستان جي ڄاٽن ۽ (پاڪستان -پنجاب) جي جٽن/ ڄٽن کي سنڌ- بلوچستان جي جتن سان ملايو آهي. انهيءَ مونجهاري کي صاف ڪرڻ لاءِ، هن ڪتاب جي پهرئين باب ۾ جت بلوچ قبيلن جي تاريخي پس منظر کي وڌيڪ تفصيل سان بيان ڪيُو ويو آهي. هن پوئين ويجهي دور ۾، 'جتن بلوچن' جو گهڻي ۾ گهڻو ذڪر شاهه عبداللطيف 'سسئي- پنهون' جي داستان جي حوالي سان رسالي جي پنجن سرن ۾ ڪيو آهي، ۽ پڻ ڪن بيتن ۾ جتڪي جا ڪي الفاظ آندا آهن. تصديق لاءِ انهن بيتن کي باب ٻئي هيٺ مرتب ڪيو ويو آهي ته جيئن جتن- بلوچن جو سلسلو سولائي سان سمجهه ۾ اچي. ٽئين باب ۾ جتڪي سنڌي جي ڪن لفظن، صوتين ۽ سِٽائن جي ڀيٽ سان ڪي نتيجا ڪڍيا ويا آهن جيڪي جتڪي توڙي سنڌيءَ جي قدامت تي شاهد آهن.

ڪتاب جو پهريون ڀاڱو مٿين ٽن بابن تي مشتمل آهي. ٻئي ڀاڱي ۾ جتڪي جيَ گرامرَ جو مختصر مگر بنيادي خاڪو ڏنو ويو آهي جنهن کي دليلن ۽ مثالن سان وڌيڪ تفصيل سان سمجهائي سگهجي ٿو. ٽئين ڀاڱي ۾، جتڪيءَ ۾ روزمره جي گفتگو جا مثال مختلف ڀاڱن جي ڳالهائيندڙن جي پنهنجي زباني ڏنا ويا آهن. ته جيئن موجوده دور ۾ جتڪيءَ جي مقامي محاورن جي ڄاڻ حاصل ٿئي. آخري چوٿين ڀاڱي ۾ 'جتڪي- سنڌي لغات' جي پٽي مرتب ڪئي وئي آهي، جنهن کي اڳتي هلي وڌائي سگهجي ٿو.

جتڪي جي هن ابتدائي تحقيق ۾، نوجوان منير احمد خان ميرجت شروع کان آخر تائين مون سان مددگار رهيو. جئن ته مير-جتڪي سندس مادري ٻولي آهي انهي ڪري سندس معاونت سان هن ڪشالي کي ڪاتڻ ۾ سولائي ٿي. مظهر حسين ۽ ٻيا ميرجت ساٿي سائس ٻانهن ٻيلي ٿيا جن گهريل مواد جمع ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. آءٌ انهن سڀني سڄڻن جو ٿورائتو آهيان. خاص شڪريو پنهنجي مهربان دوست محترم بهاول خان ميرجت (ڊائريڪٽر نيشنل سيونگس، حيدرآباد) جو جنهن هر مرحلي تي هن ڪم ۾ مفيد مشورا ڏنا ۽ پڻ وڏيڪ تحقيق خاطر ڳوٺ بهار خان ميرجت ۾ ڪچهري جو انتظام ڪيو. نوجوان احسان علي لغاري هن ڪتاب جو مواد سلسلي وار ڪامپيوٽر تي سهڻي ترتيب سان ڪمپوز ڪيو.

محترم ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو، چيئرمين سنڌي لينگئيج اٿارٽي، سان جڏهن هن ڪتاب جي تڪميل جي ڳالهه ٿي ته ائين بهتر ڄاتائين ته اٿارٽي طرفان ڇپايو وڃي. علمي خدمت خاطر، هن پهرئين ايڊيشن جي اشاعت بنا معاوضي اٿارٽي جي حوالي ڪئي وئي.

خادم العلم

نبي بخش

علامه آءِ. آءِ. قاضي چيئر
سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد، سنڌ
22- نومبر 2002ع

# پاڳو پھريون

## تاريخي پس منظر

# باب پهريون

# جت بلوچ، تاريخ جي روشنيءَ ۾

هي تحقيقي مطالعو انهيءَ 'جتڪي ٻولي' ۽ انهن جتن قبيلن جو آهي جن کي شاهه عبداللطيف پنهنجي رسالي ۾ سسئي جي پنجن سرن ۾ 'جت- بلوچ' سڏيو آهي. مثلاً هيٺئين بيت ۾ پنهون جت به آهي ۽ بروچ به آهي:

ووڙيم سڀ وتــــاڻ، جـــار ڪارڻ جت جي
والله بڪل شيءِ مـــحــيط، اتي اِي اهـجـــاڻ
سڀ ۾ پنهــــون پاڻ، ٻئــو ناهه بروچ ري.
(آبري: داستان 3)

هيٺئين وائي ۾ جت ۽ ٻاروچا ساڳي ڳالهه آهن:

جت پـانهنـجيءَ جـوءِ ۾ جـــانب مـــان جِـيـــئن
ٻانـهي ٻاروچـــا پـانهنجي سڳر مـــان ســــڏن.
(ڪوهياري 5: وائي)

شاهه صاحب گهڻي ڀاڱي لاڙ ۽ ڪڇ جي جتن قبيلن واري بلوچڪي معاشري کان باخبر هو، پر سنڌ جي سِري ۽ ان سان لاڳو بلوچستان جي جتن قبيلن جو به ساڳيو ئي معاشرو آهي: نه فقط ايترو پر سنڌ- بلوچستان توڙي ڪڇ جي جتن قبيلن جي ٻولي 'جتڪي' به ساڳي آهي. ٻين بلوچ قبيلن وانگر، جت قبيلا به ايران کان آيا، پر اهي ٻين سيني کان صديون اڳ ۾ سنڌ ۾ آيا ۽ سنڌ جا ٿي ويا. سنڌن سماجي نظام به بلوچن وارو سرداري قبائلي نظام آهي، ۽ انهيءَ نظام ۾ به هو ٻين بلوچ قبيلن سان ڀائيچاري ۾ آهن. جتن قبيلن ۾ ٻين بلوچن واري

● جاٽ هڪ جدا قبيلو آهي ۽ انهن جي گهڻائي هندستان ۾ مشرقي پنجاب ۽ دهلي طرف آهي. ٿي سگهي ٿو ته اهي آڳاٽي وچ- ايشيائي ترڪي نسل مان هجن. جاٽ قبيلن مان گهڻا اسلام ۾ آيا ۽ 19- صدي ۾ جاٽ مسلمان قبيلا اڀرندين پنجاب مان لڏي اچي پاڪ مغربي پنجاب جي فيصل آباد واري علائقي ۾ نئين نهري پاڻي تي آباد ٿيا؛ خاص طرح سمندري، گدر پنڊي، مريد والا ۽ سلوني جهل وارن ڀاڱن ۾ انهن جي گهڻائي آهي.

● جَٽ: اهو 'جاٽ' کان جدا، پنجاب (پاڪستان) جو هڪ ٻيو قبيلو آهي.

● ڄٽ: پنجابي- سرائڪي ۾ استعمال ٿيندڙ گهٽتائي وارو لفظ آهي. پاڪستاني پنجاب جي وچ ۾ ڏکڻ جي غيرآباد ٻهراڙين ۾، آڳاٽي وقت کان وٺي جيڪي پوئتي پيل جدا جدا ذاتين وارا غير معروف مقامي ماڻهو هئا تن کي نئين نهري نظام تي ٻاهران اچي آباد ٿيل ماڻهن 'جانگلي' (جهنگلي) يا 'ڄٽ' (اڻ سڌريل) سڏيو. سنڌ ۾ به اهو لفظ ان ساڳي معنيٰ ۾ رائج ٿيو، خاص طور جڏهن کان پنجاب کان 'عامل هندو' سنڌ ۾ آيا. انگريزن جي دور ۾ ان جو وڌيڪ استعمال ٿيو ڇاڪاڻ جو پڙهيل هندو ۽ سرڪاري ڪامورا خاص طرح ٻوڙائن مسلمانن کي 'ڄٽ' سڏڻ لڳا.

مٿين ٽنهي نسبتن ۽ نالن کان 'جت' نالو ۽ نسب نامو جدا آهي. سنڌ- بلوچستان ۽ ڪڇ جي جت قبيلن جو، جاگرافيائي توڙي تاريخي لحاظ سان، مٿين نالن سان ڪو واسطو ڪونهي.

سنڌ ۾ 'جت' لفظ جيتوڻيڪ عام فهم آهي پر ان جون ٻه معنائون آهن: هڪ عام ڏنڌي پيشي واري ۽ ٻي نسب نسل واري. پهرين معنيٰ موجب ڪو به شخص جيڪو اٺ ڌاري ۽ پالي يا اٺ جي واڳ سنڀالي ۽ ڪنهن کي هتان ڪٽي هت پهچائي سو جت آهي. اهو عارضي ڏنڌي پيشي وارو لفظ ڪنهن به

قبيلي جي ماڻهو سان لاڳو ٿي سگهي ٿو. ٻي معنيٰ دائمي نسل نسب واري آهي، يعنيٰ نسل نسب جي اعتبار سان 'جت' لفظ ۾ نالو قوم قبيلي سان لاڳو آهي؛ انهيءَ معنيٰ ۾ ئي سنڌ، بلوچستان ۾ ڪجهه جي قبيلن تي اهو قبيلائي نالو آڳاٽي دور کان پيو جڏهن ٻين بلوچ قبيلن وانگر اهي به ايران يعني سيستان، ڪرمان ۾ قديم مڪران ۾ رهاڪو هئا.

## جت بلوچ تاريخ ۾:

تاريخي حوالن توڙي لغت جي اعتبار سان، 'جَت' لفظ فارسي آهي. اصل ۾ اهو لفظ 'جُفت، هو- معنيٰ جوڙيوال، جوڙ ۾ ساٿي. ان دور کان وٺي انهن قبيلن جو پيشو اٺ پالڻ ۾ لڏڻ ۾ اٺن جا قافلا ڪاهڻ رهيو. مصنف مقدسي ويندي 5- صدي هجري ۾ بلوچن جو ذڪر ڪري ٿو جن وٽ جماز (اٺ) آهن. اٺ سان گڏ هئڻ ۾ پڻ مسافر سان اٺ تي جوڙ جُفت هجڻ جي ڪري، ايرانين هنن کي 'جُفت' سڏيو. وقت گذرڻ سان، اهو لفظ قبيلي جي پنهنجي ٻوليءَ ۾ (ف کان سواءِ) هلڪي اچار سان ڦِري 'جُت' ٿيو. قبل از اسلام واري دور ۾ جڏهن هو سنڌ ۾ آيا ۾ آباد ٿيا ته سندن نالي وارو لفظ 'جُت' سنڌيءَ ۾ رائج ٿيو ۾ اڄان تائين رائج آهي. سنڌي لغت ۾ 'جُت ٿيڻ' (جوڙ ٿيڻ، ٻت ٿيڻ) ۾ جُتو وجهڻ (گڏيو وجهڻ، لڳو وجهڻ) ان آڳاٽي دور جا لفظ آهن. شاهه صاحب جي رسالي ۾ سر سري- راڳ جي بيت ۾ آهي ته:

جُــتــو وانءُ جــهـــاز، گـــڏئو غـــرابن سين

(اي وڏا جهاز! تون به غرابن سان لڳو وڃ، گڏيو وڃ)

اڄان به گهڻي وقت گذرڻ سان، سنڌ ۾ سنڌي جي اثر هيٺ لفظ 'جُت' ڦري 'جَت' ٿيو جيتوڻيڪ اوائلي اسلامي دور ۾ سنڌ ۾ اڄان اهو نالو .جُت' (ج جي پيش) واري صورت ۾ رائج هو جو عربيءَ ۾ پڻ ان کي 'زُط' (ز جي پيش سان) ڪري

لکيو ويو.

سنڌ ڏانهن بلوچ قبيلن جي پهرين هجرت ٻي صدي عيسوي ڌاري ٿي جڏهن ساڪائن انهن کي سيستان مان بي دخل ڪيو. انهي ڪري، پنجين ڇهين صدي عيسوي ۾ راءِ گهراڻي جي دور ۾ به جت قبيلا سنڌ ۾ موجود هئا. ان دور ۾ ايران جي ساساني شهنشاهه طرفان سنڌ تي حملا ٿيا، ۽ هڪ وڏي حملي ۾ سنڌ جو راءِ سهاراس مارجي ويو ۽ سنڌ (جيڪا ان وقت سنڌ- بلوچستان جي حدن واري هئي) جي لشڪر مان گهڻا ڏَستا قيدي ٿي ايران ويا. انهن ۾ ٻن بلوچ قبيلن 'زُط ۽ سَيابجه' يعني جَتن ۽ سياه پادن جو ذڪر اچي ٿو (جيڪي هن وقت تائين سنڌ ۽ بلوچستان ۾ موجود آهن) اهي قبيلا پوءِ ايران ۾ رهيا ۽ ساسانين جي فوج جا اڳواڻ ٿيا. حضرت عمر رضه جي خلافت ۾ هنن اسلام قبول ڪيو. پهريائين ٻئي هڪ بلوچ قبيلي جو اڳواڻ سياهه سوار، جيڪو ايراني بادشاهه يزد جرد جي هڪ فوج جو جرنيل به هو تنهن يزد جرد جي غلط ڪاري ڪان بيزار ٿي، اسلامي سپه سالار اصحابي ابو موسيٰ الاشعري سان ڳالهايو، جنهن کي حضرت عمر اجازت ڏني، ۽ بلوچ جرنيل معاهدو ڪري بحيثيت قبيلي جي اسلام قبول ڪيو. ان ڪان پوءِ ان ساڳئي معاهدي مطابق، زُط ۽ سَيابِجَه (جتن ۽ سياه- پادن) قبيلن اسلام قبول ڪيو، ۽ اسلامي ڀائيچاري ۽ برابري واري اصول مطابق انهن کي عرب قبيلي بنوتميم سان ملائي ان جي ٻن پاڙن بنو سعد ۽ بنو حنظله جو ڀائر ڪيو ويو. انهن عهدنامن جي ڪري پوءِ ٻيا بلوچ قبيلا اسلامي لشڪر سان شامل ٿيا جنهن ڪري ايران جا ڪرمان، سيستان ۽ مڪران وارا علائقا جلد فتح ٿيا. محمد بن قاسم جي ڏاهر سان جنگ وقت اڃان سنڌ ۾ رهندڙ جت بلوچ قبيلا اسلام ۾ ڪين هئا: انهن مان جنگ ۾ جيڪي قيد ٿي حجاج وٽ پهتا تن بابت معلوم ٿيو ته هو مينهون پاليندڙ آهن انهي ڪري حجاج انهن کي سنڌن اهل

اولاد سميت ڪَسڪر علائقي ۾ آباد ڪيو.

فردوسي جي شاهنامي ۾، ايراني تاريخ جي سلساني دور ۾، خاص طور ٻن بلوچ قلبين 'ڪوچ ۽ بلوچ' جو ذڪر اچي ٿو جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته ان دور ۾، ۽ پڻ پوءِ، بلوچ پيائيچاري ۾، هي قبيلا بلوچ جي نالي سان ۽ پڻ ڪن ٻين نالن سان ٿي سڏيا ويا. "ڪوچ ۽ بلوچ" کي اسلامي تاريخ ۾ عربي اچارن سان .قُفص ۽ بلوص' ڪري لکيو ويو. اسلامي دور جي شروع ۾ پيا بلوچ پهرين صدي هجري جي شروع (7- صدي عيسوي) ۾ فارس ۽ اهواز ۾ رهندڙ بلوچ قبيلن سياه سوارن، جتن ۽ سياه پادن) جو ذڪر آهي. ٻي صدي هجري جي شروع ۾ محمد بن قاسم جي فتح وقت سنڌ ۾ رهندڙ جت قبيلن (جيڪي اسلام ۾ نه آيا هئا) جو ذڪر آهي. چوٿين صدي هجري ۾ ٻين گهٽن بلوچ قبيلن ۽ سندن اڳواڻن جا نالا ملن ٿا. چوٿين صدي (366- 311هه) ۾ جڏهن ايراني گهراڻو بنو بُوَيه طاقتور ٿيو ته سندن حڪمرانن، عضدالدوله ۽ بهاءِ الدوله، ڪرمان ۽ سيستان ۽ مڪران جي بلوچ قبيلن خلاف انتقامي جنگيون شروع ڪيون ڇاڪاڻ جو بلوچ قبيلا ايرانين خلاف اسلامي فوج سان شريڪ ٿيا هئا. ان ڪان پوءِ سلطان محمود غزنوي طرفان سرڪش بلوچ قبيلن خلاف لشڪر ڪشي ٿي انهي ڪري 4- 5 صدي هجري (10- 11 عيسوي) ۾ خاص طرح سيستان، ڪرمان ۽ اتر مڪران مان بلوچ قبيلن جي ڏکڻ مڪران (بلوچستان)، سنڌ ۽ پنجاب طرف ٻي هجرت شروع ٿي. مسعودي (ڪتاب مروج الذهب)، ابن حوقل (ڪتاب صورة الارض)، مقدسي (ڪتاب الاقاليم) وغيره مصنفن تيهن کن بلوچ قبيلن جا نالا ڏنا آهن جيڪي ان وقت فارس، ڪرمان جي بيابانن، قفص- بلوچن وارن جبلن، سيستان سان لاڳو علائقن، مڪران ۽ ان جي سامونڊي ڪنارن لڳ رهندڙ هئا. انهن مان بلوچستان- سنڌ ڏانهن بارائي (بروهي)، مري،

بغدي ۽ هوت آيا. ڀين ڪن جي به سنڌ جي مقامي نالن ۾ سڃاڻپ ٿي سگهي ٿي. جئن ته:

- قفص (= ڪفچ، گنج) جنهن مان سنڌ ۾ نالو گنجاڻي (يعني گنجن جو پاڙو)
- ڪوچ، جنهن مان سنڌ ۾ ڪوش ۽ ڪوچڪي.
- خشڪ، جن جو غربي ڪتابن ۾ نالو خشڪي، 'خواشڪيه'
- جسڪاڻي، جن جو عربي ڪتابن ۾ نالو جواسڪيه.

● **سنڌ- بلوچستان ۾ مير جت قبيلا**

ڇهين ستين صدي هجري (14- 15 عيسوي) ۾، اتر (ڪيچ ۽ پنجگور توڙي ڏکڻ مڪران (ڪلمت ۽ ڪلانچ) ۾ بلوچن جي جمعيت گهٽو وڏي ۽ ڪيچ ۾ حڪومت قائم ٿي. ان دور ۾ هو اتان سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب طرف وارن پهاڙن تائين وڌيا. اها بلوچ قبيلن جي تئين ۽ آخري وڏي هجرت هئي. انهن مان هوت نسل جا قبيلا (ڪلمتي، ڪلاچي ۽ ٻيا) ڏکڻ ڏي سنڌ ۽ ڪڇ طرف آيا، ۽ رند ۽ لاشار قبيلا اتر طرف قلات ۽ سبي ۾ طاقتور ٿيا. جت قبيلا اڳ موجود هئا جن جو ذڪر رند ۽ لاشار جي جنگ بابت چيل شعرن ۾ اچي ٿو. ڪَريل ديوانو ڏهن هزارن جو سردار هو جنهن جو ذڪر بيورگ جي شعر ۾ اچي ٿو. رند ۽ لاشار جي جنگاهه ۾، جت سردار راوَڃ پنهنجن ارڙهن هزارن ماڻهن سان مير چاڪر رند سان ڀيڙو ٿيو، جنهن تي ڪيس ساڳيو بلوچن وارو 'مير' جو خطاب مليو ۽ ڀڙ سورڻ لڳ جاگير ملي. ان وقت کان وٺي سندس سڄي ياٿيچاري وارا 'مير جت' سڏجڻ لڳا. 15- صدي کان وٺي مير جت ڪُڙم هيٺ وچولي سنڌ تائين پکڙيا. جتي ويا اتي هنن پنهنجي سماجي حيثيت برقرار رکي جو هنن پنهنجي 'جتڪي' ٻولي ڪانه ڇڏي جنهن ڪري اها اتر ۽ وچولي سنڌ ۾ 'مير جتڪي' سڏجڻ لڳا.

راقم گذريل چاليهن سالن کان وٺي، بلوچستان، اتر ۽ وچولي سنڌ، لاڙ، ڪاري

۽ ڪڇ ۾ رهندڙ بلوچن جي جدا جدا ڪڙمن ۽ پاڙن، سردارن ۽ سربراهن، ماڳن مقامن، ڌنڌن پيشن، ٻولي ۽ ان جي محاورن بابت پيچائون پئي ڪيون آهن معلوم ٿيو ته 15- صدي کان وٺي ويندي پاڪستان جي قائم ٿيڻ تائين انهن ساڳين ماڳن مقامن تي رهيا آهن. البت پاڪستان ٿيڻ بعد ڪڇ مان گهڻن پنهنجا ماڳ مڪان ڇڏيا هجرت ڪري اچي سنڌ ۾ ڪاري ۽ لاڙ ۾ رهيا.

هيٺ، جاگرافيائي لحاظ سان (الف) اتر سنڌ ۽ ان سان لاڳو بلوچستان ۽ وچولي سنڌ (ب) لاڙ (ج) ڪاري ۽ (د) ڪڇ جي جت- بلوچن جي ڪڙمن ۽ پاڙن بابت مختصر طور تي روشني وڌي ويندي.

● **اترءِ وچولو سنڌ ۽ بلوچستان:** جئن مٿي بيان ٿيو، 15- صدي عيسوي کان وٺي ڪي ڪُڙم ميرجت جي نالي سان مشهور ٿيا ۽ ٻيا 'جت' واري اصل نالي سان سڏيا ويا. مير جت، پوءِ هيٺ وچولي سنڌ تائين پکڙيا ۽ جتي ويا اتي هنن پنهنجي سماجي شناخت برقرار رکي جو هنن پنهنجي اصلوڪي جتڪي ٻولي ڪانه ڇڏي، جنهن ڪري اها ڇڻ 'مير جتڪي' جي نئين نالي سان مشهور ٿي وئي. 'ميرجتن' کان سواءِ ٻيا جت قبيلا، ٻين بلوچ قبيلن وانگر، مقامي ماحول مطابق سرائڪي يا سنڌي ڳالهائڻ لڳا. بهرحال ٻوليءَ سببان هڪڙا قبيلا ميرجت ۽ ٻيا جت سڏجڻ لڳا. اتر سنڌ ۽ ان سان لاڳو بلوچستان جي علائقن (سبي، ناڙي، ڪڇي) توڙي وچولي سنڌ تائين اها صورتحال رهي.

**مير جت پاڙا:** راوَجي يا راوَجي ۽ سئتالي ٻئي پاڙا ڪَويل ديواني جي اولاد مان، پر راوجي کي تاريخي اهميت آهي جو هو مير چاڪر رند جو طرفدار ٿيو. راوجي جا مکيه ڪڙم تي جن مان ٻيا پاڙا ٿيا:

1. جڙنگلاڻي (پڳ وارو) جن جو وڏو ڏاڏو هيبت (جونگل پٽ فتح محمد پٽ

عاشور پٽ جؤنگل پٽ رستم پٽ هيبت). جونگلاڻي جا ٻيا ٽي پاڙا جيڪي گنداوا ۽ ناڙي ۾ آباد: حمل زئي، جيئندزئي، چلوزئي. خان قلات محمود خان جي وقت ۾ راوچي جي پڳ قلندر جو نگلاڻي تي هئي.

2. دادواڻي، جنهن ۾ گلاباڻي (پڳ وارو)، بشڪواڻي (بشڪو سوچي جو، سوڀو محمود جو) چنداڻي، داداڻي ۽ ڪويل.

3. موچاڻي، جنهن ۾ دلاور زئي (پڳ وارو)، جام زئي ۽ ماڇاڻي، دلاور زئي جو وڏو ڏاڏو دلاور پٽ طوغان پٽ سومر.

ٻيا مير جت پاڙا: سنجراڻي، پند، حاجاڻا، ڪنداڻي، ٻبر، لنجواڻي، لشاري، ٻراڻا، بالادي (جن مان ڪي جتڪي ۽ ڪي سرائڪي ڳالهائين): پنڊ، حاجاڻا ۽ ڪنداڻي اهي سرائڪي ڪن.

- پائيچاري راڄداري جي لحاظ سان، راوچي سڀ رند سردار سان آهن، راوچي جي وڏيري ڪي پڳ بہ رند سردار ٻڌائيندو. سنجراڻي، لشاري، لنجواڻي، پند ۽ ٻراڻا بہ رند سردار سان آهن. ٻيا هينيان پارا راڄداري ۾ ٻين سردارن سان آهن پر ڦوڙي سڀ رند سردار کي ڏيندا.

- ٻبر، واسواڻا ۽ حاجاڻا جمالي سردار جي راڄداري ۾ آهن.

- سٺاڻي، مگسي سردار جي راڄداري ۾

- لنجواڻي، چانڊيي سرداري جي راڄداري ۾

- جيڪب آباد، لاڙڪاڻي ۽ دادو ضلعن جا هڪڙا ميرجت راڄداريءَ ۾ جمالي سردار سان ۽ ٻيا ٻڙدي سردار سان، پر ڦوڙي سڀ رند سردار کي ڏيندا. انهن ۾ شامل پاڙا: جونگلاڻي، ماڇاڻي، دادواڻي، ڪنداڻي، موچاڻي، دلاورزئي ۽ بالادي.

- لاڙڪاڻي ضلعي ۾ رتي ديري ۽ نئين ديري والوٽ، واسواڻا، دائيداڻا، پند،

ديدڙ وغيره. ساهو والن مان پاريجا، جهانگاري ۽ پڻ ڪنداڻي، بحراڻي، حاجاڻا ۽ زرداري جن مان ڪي ٿورا سرائڪي ڳالهائين.

● **وچولي سنڌ ۾ ميرجت:** گهڻو ڪري ميرجت پاڙا اتر سنڌ مان هيٺ وچولي سنڌ ۾ آباد ٿيا. سکر، خيرپور، نوابشاهه، دادو ۽ حيدرآباد ضلعن ۾ وينا، ڪي ٿورا پاڙا ايجان هيٺ لٿي يا بدين ضلعن جي حدن ۾ آباد ٿيا (جئن ڪي راوچي هالا، ميرپور بٺوري ۽ تلهار تعلقن ۾)؛ پر هيٺ لاڙ ۾ گهٽائي ٻين جي جن جو ذڪر هيٺ ايندو. ٻين بلوچن وانگر، وچولي سنڌ وارا ميرجت ۽ ٻيا پاڙا، وقت گذرڻ سان اتر جي سرداري نظام واري پاڻيچاري کان الڳ ٿي ويا آهن. انهن جون پنهنجيون جدا جدا راڄداريون آهن. جيتوڻيڪ گهڻا وڏا پاڙا اهي ساڳيا آهن جيڪي جيڪب آباد ۽ بلوچستان طرف آهن. جئن ته راوچي، جونگلاڻي، بشڪواڻي، داداڻي، دلاورزئي، ماڇاڻي، لنجواڻي، سنجراڻي، سئٽاڻي، حمل زئي، گنڊڪاڻي، شهبڙائي، عاقيواڻي، پرڪاڻي، ڪرمناڻي، چمناڻي، مغلاڻي، بحراڻي، ڪنداڻي، ساهو وال، شهداڻي، چوڪاني، بالاديم واسوواڻا، حاجاڻا، دائيداڻا، ٻبر، لاشاري، دادواڻي، گلاباڻي، چندواڻي، موچاڻي، چام زئي، جيئند زئي، چلو زئي، زرداري، گولاڻي، تيجواڻي، مستاڻي، مادناڻي، مهراڻي، مارڪاڻي سيتاناڻي، منڊڙاڻي، بلنداڻي (ٽنڊو محمد خان لڳ) لاڪاڻي (شاهه ڪريم)، براهماڻي (سجاول). ڪي پاڙا، پوئين ويجهي دور ۾ سندن وڏن ڏاڏن جي نالن سان مشهور ٿيا. مثلاً ڳوٺ بهار خان ميرجت (ٽنجوالهيار) ۾ رهندڙ پاڙا قيصراڻي، دائوداڻي، ڇُٽاڻي، جاڙوواڻي، بنگلاڻي، رستماڻي، نصيراڻي، حسناڻي، ڏاڙهوواڻي، ٻيڙاڻي، ڪرمناڻي ۽ ميواڻي. ڳوٺ گولو ميرجت ۾ راوچي، مندوستاڻي، ٻيلساڻي، ٻيلماڻي، اهي سڀ مير جتڪي ڳالهائين، دادو، نواب شاهه، سانگهڙ ۽ حيدرآباد ضلعن جي هيٺين ڳوٺن وارا

مير جتڪي ٻولي ڳالهائين.

**ضلعو دادو:** ڳوٺ بيگو ميرجت، ڳوٺ رائلو مياڻ، ڳوٺ سائينڏنو ملاح.

**ضلعو حيدرآباد:** ڳوٺ انب ميرجت (ٽنڊومحمد خان)، ڳوٺ سکيو ميرجت لڳ هالا، ڳوٺ الهه بخش مير جت تعلقو هالا، ڳوٺ بهار خان ميرجت، ٽنڊوالهيار، ڳوٺ دولت خان ميرجت ٽنڊوالهيار، ڳوٺ منو ميرجت ٽنڊوالهيار، ڳوٺ محمد رحيم مير جت، نصرپور، ڳوٺ الهورايو ميرجت ٽنڊوالهيار، ڳوٺ گولو مير جت (ٽنڊوالهيار)، ڳوٺ موليڏنو ميرجت، ڳوٺ دودو ميرجت لڳ پيٽ شاهه، ڳوٺ چيڙ مير جت (ٽنڊوالهيار)

**ضلعو نوابشاهه:** ڳوٺ اميد علي ميرجت سٺ ميل، ڳوٺ سائين رکيو ميرجت سٺ ميل، ڳوٺ مراد علي ميرجت سٺ ميل، ڳوٺ سليمان فقير ٻانڊي، ڳوٺ حاجي طالب چڪ- 62، ڳوٺ دين محمد ميرجت ڪوٽ لالو، ڳوٺ دوست محمد ميرجت لڳ لاڪا روڊ.

**ضلعو سانگهڙ:** ڳوٺ عارب فقير ڪڏڙو، ڳوٺ سومر فقير شاهپور چاڪر، ڳوٺ حاجي الهورايو ميرجت، سنڌڙي، ڳوٺ بچو فقير شاهپورچاڪر، ڳوٺ سومر ميرجت ٽنڊوآدم.

## لاڙ ڪاري ۽ ڪڇ جا راڄ

لاڙ، ڪاري (سمنڊ جي ڪناري) ۽ ڪڇ جا جت راڄ، پائيچاري ۽ راڄداري نظام ۾ سنڌ- بلوچستان جي ميرجتن ۽ جتن راڄن کان الڳ آهن. اهي 'ميرجت' نه پر 'جت' سڏجن جيتوڻيڪ سندن ٻهرين وڏو سردار مير عمر هو. سنڌ- بلوچستان جي ميرجتن واري ساڳي جتڪي ٻولي ڪن. سندن پنهنجو سرداري نظام الڳ آهي.سواءِ ڪاري جي، لاڙ ۾ ٽني ۽ ٻدين ضلعن جا سڀ راڄ جاتي جي ملڪ جي برادري ۾ آهن: ڪڇ وارا راڄ اتي پنهنجي ملڪ جي برادري ۾ آهن ۽ ڪي

جاتي جي ملڪ جا پاءُ آهن. پاڪستان کان پوءِ، ڪڇ جا راڄ جيڪي هجرت ڪري سنڌ ۾ آيا تن جو ڪڇ سان جيتوڻيڪ تعلق ڪٽجي ويو پر پاڻ کي ڪڇ واري راڄداري سان واسطيدار سمجهن ٿا.

ـ ڪاري ۾ رهندڙ جت راڄ جيڪي ڪاري ڇاڻ جي پريان سنهڙي، وير ڪنڊڙي ۽ ڪانين وارو مڪان وغيره ماڳن تي درياءَ جي اولهه ۽ اوير ٻنهي طرفن رهن، تن مان ڏبائي راڄ جيڪي درياءَ جي اولهه طرف آهن سي سڀ ڪرمتي مَلڪ سان پائيچاري ۾ آهن. باقي ٻيا اوير طرف وارا جاتيءَ جي مَلڪ جي پائيچاري ۾ آهن جن ۾ هيٺيان راڄ شامل: شيهه يا شَهَ، آسِر، ونگائي، عامرُ، سِهائي، للاڻي، مِسڙ، چمڙيا، جتوئي، عيسباڻي، شهبيگي، ٿتيار، بجاراڻي، فقيراڻي، بجارپوٽا، مسواڻي.

ـ ڪڇ ۾ جت قبيلا ڪنهن آڳاٽي وقت کان سنڌ مان ويا. ونگاين مان جيڪي راڄ ڪڇ ۾ آيا، اهي سڀ مال وارا؛ باقي ڪڇ جا گِراسيا' راڄ سي زميندار. مال وارن مان، هڪڙا ٿَتيارحن وٽ 'ٿتي' يعني ڳايون ۽ مينهون، ٻيا جن وٽ اُٺيون سي ڪَنڊِ واري پاڳي ۾ رهن ۽ انهي ڪري 'ڪانڊي'، سڏجن. ٿتيارن ۽ ڪانڊي سڀ پائيچاريءَ ۾ 'لاڪي' سان آهن.

● ٿَتيار: ٿتيارن ۾ سالار جو اولاد سَالاراڻي وڏو ڪُڙم آهي. مرحوم فقير گل محمد سالاراڻي (بن صالح محمد بن حاجي ابراهيم بن مبارڪ بن ونهيون بن مبارڪ بن ونهيون بن شاهو بن ارحڻ بن بيگن بن سالار) چيو ته سالرا جا وڏا مٿي 'هَديهَ' آهن. سنڌ جا هديه (ساڪري ۽ ملير ۾) ڪلمتي آهن؛ ان مان گمان نڪري ٿو ته هي قبيلو شايد آڳاٽو ڪَلمت (مڪران) مان آيو هجي. سالار جو پٽ بيگن جنهن کي ٽي پٽ ٿيا: راميڻ، حسن ۽ ارحن. راميڻ جو اولاد راڏاڻي ۽ سانولاڻي، حسن جو اولاد عَمراڻي ۽ مدداڻي، ارحن جو اولاد برياڻي جن جو

وڏو ڏاڏو جعفر ٻَرياڻ ۽ ٻيو ونهياڻي جن جو ڏاڏو ڀائي صاحب جو فقير ونهيون جيڪو ڪتن جي خدمت ڪندو هو. ڀَڙ جانگ پاڙو، تن بابت صحيح روايت اها ته سالار جو پاءُ ستار ڏنو هو، جنهن 'وَرجانگ' سوڍي ۽ منگري سوڍري ڪان زمين ڪٽي. پوءِ ان جي اولاد لاءِ مشهور ٿيو ته ورجانگ وارا، جيڪو پوءِ ڦري 'ڀڙجانگ' ٿيو. ٻيا ننڍيار پاڙا هينيان:

- واگهاڻي، ننڍلاڻي، سانئياڻي، ٽيئي هڪ راڄ
- مَنداڻي جن ۾ شامل رنباڻي، مراداڻي ۽ وزيراڻي سڀ پاڻ ۾ هڪ راڄ
- حاجاڻي ۽ آرياڻي هڪ راڄ
- موڏاڻي ۽ ڇهلاڻي هڪ راڄ
- مناڻي ۽ عارباڻي هڪ راڄ
- شاهواڻي، لاکاڻي، سوتڪاڻي، بجارپوترا، آجاڻي، منهاڻي، ڏاتواڻي، بکراڻي، محباڻي، عامر، سُڪانياڻي، تالي، ونگائي، رَتاڻي ۽ مياڻي اهي سڀ نَتِي وارا، يعني مينهيون ۽ ٻَڪريون ڌارين. پاڪستان ڪان اگ ڪَڇ ۾ سڀ کان گهٽيون مينهون (ڏهه پندرهن هزار، جي بيماري نه پئي تہ) سالاراڻين وٽ، ٻئي نمبر ۾ منداڻين وٽ، ٽئين نمبر ۾ لاکاڻين ۽ چوٿين نمبر ۾ ونگاين وٽ.

● ڪاندي: ڪڇ ۾ ڪاندي جت اهي جيڪي ڪڇ جي الهندين علائقي 'ڪند' ۾ رهن ۽ اٺيون ڌارين. انهن ۾ شامل راڄ فقيراڻي ۽ ٻيا. انهن مان هڪ ڀاليا جيڪي ڀال ۾ رهن، ۽ ٻيا گهُناٺو جيڪي گهُناٺو ۾ رهن.

● ونگائي: هڪ روايت موجب ونگائي نسب نامي ۾ اصل منداڻي آهن، ۽ ٻي روايت موجب اهي ونگي بن مير عمر (وڏي) جو اولاد آهن.

عامر (جن جا راڄ ڀٽائو ۾ مُوچا)، سياڻي ۽ شيهه (شيح= شيخ، بلوچڪيءَ ۾ شيخ جو اچار 'شيح') ٽيئي نسب ۾ ونگاين سان گڏجن. حڪومت اهي ڪڙم

ڪَنڊ ۾ ويهاريا ۽ انهن کي جاگيرون ڏنائون ۽ پڻ ڏاڻ (پن چري) معاف ڪيائون تہ سَرحد ۾ سنڀالين. حاجي مير عمر ونگائي کي لَڪي جاگير ڏنائون؛ لکاڻي عامُر ۽ شيهہ (شيخ) جاڙي کي شوري جاگير ڏنائون؛ سانوَلي فقيراڻي کي پِپر ڏنائون؛ لاکو ڄاموٽ سِپائي تنهن کي ڪَنوچ ڏنائون. ونگاڻين جو چڳو مڙس حاجي علي محمد (پٽ حاجي مير پٽ ڪريمداد پٽ مُهڙ (ننڍو) پٽ ڪريمداد (مٿي مهڙ وڏي ۽ مير عمر جو اولاد) ۽ ٻيا پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ لڏي اچي ڪاري ۾ رهيا.

تاريخي اعتبار سان، لاڙ، ڪاري ۽ ڪيچ جا موجوده جت قبيلا هوت نسل جي بلوچ قبيلن سان گڏ سنڌ جي لاڙ وارن ڀاڱن ۾ آيا ۽ پوءِ اتان اڳتي ڪيچ ڏانهن ويا. 6- صدي هجري ۾ 'ملڪ' خطاب ڪيچ جي حڪمرانن جو هو؛ ان ساڳئي خطاب وارا اڳواڻ سنڌ جي لاڙ ۾ پنهنجن قبيلن جا سربراهہ ٿيا. لاڙ ۾ جتن بلوچن جي قبائلي رياست ٽنڊي محمد خان کان هيٺ ميرپور بٺوري، گولاڙچي ۽ جاتي تعلقن وارين حدن ۾ هئي ۽ ان جو مرڪزي شهر رَڙي هو. ملڪ ميرواتي جو سر۔ر هو. 18- صدي ۾ مشهور سردار حمر ۽ راڏو هئا جن جا مزار ملا حسن درسائي جي مقام لڳ آهن. پيانئجي ٿو تہ ٽالپورن جي اوائلي دور ۾ جڏهن چانگن ۽ جتن جون جنگيون ٿيون تڏهن جتن 'رڙي' وارو علائقو (تعلقو بدين) ڇڏيو ۽ جاتي کي پنهنجو مرڪز بنايو. جاتي تعلقي جو نالو ئي جتن راڄن جي گهڻائي ڪري پيو.

ـ نسب نامي جي هڪ روايت (زباني مرحوم گل محمد فقير سالاراڻي 2- اپريل 1969ع موجب ٻجار ۽ ميرو ڪيچ مان آيا. ٻجار پنهنجي نياڻي پنهنجي ڀائيٽي ميري کي ڏني ۽ پوءِ پنهنجي پڳ بہ ميري کي ڏني. ميري رڙي ۾ سرداري ڪئي. ميري جو پٽ شير خان جنهن جا ٻہ پٽ هڪ پونگر ٻيو جمن،

پونگر جي اولاد مان ڪڇ،(سِراڙو تعلقو ڪاهوڙو) ۾ نتيارن جا سردار جن پنهنجو لقب "لاکو" ڪيو، ۽ حمر جي اولاد مان سنڌ ۾ لاڙ جي جتن جا سردار تن جو لقب "ملڪ". ملڪ ۽ لاکو ٻئي پڳداري جا خطاب ٿيا؛ ملڪ سنڌ ۾ ۽ لاکو ڪڇ ۾. 65- 1960ع ۾ ڪڇ ۾ نتيارن جو سردار حاجي نورخان (پٽ آگيڏنو پٽ علي بخش پٽ مير محمد پٽ حمر پٽ پونگر) هو. سنڌ ۾ ان وقت ملڪ مامو خان (پٽ بقادار پٽ محمد صديق پٽ غلام حسين پٽ راڏو پٽ جهان خان پٽ حمر) هو. مامو خان مرحوم سان راقم جون رهاڻيون هيون. هن وقت مامون خان جو فرزند ملڪ غلام قادر ۽ سندس سوٽ محمد علي، جاتي جي ملڪاڻي گهراڻي جا وڏا آهن.

ـ نسب نامي جي ٻي روايت موجب، ڪنهن وقت جتن جو وڏو مير هو جنهن جا ٽي پٽ: ونگو، جَسو ۽ مَندو. ونگو جنهن جو اولاد ونگاڻي جن تان سڄي علائقي جو نالو ونگو ٿيو. ونگي جي اولاد مان مُهڙ ۽ بحرو ٿيا؛ مُهڙ جو اولاد مهڙاڻي جيڪي وڏيرا ونگاين جا، ۽ بحري جو اولاد بحراڻي جيڪي 'ڪارا ونگائي' سڏجن. ونگي جي اولاد مان ڪي ڪڇ ۾ ويا جتي وڏي مان مرتبي وارا ٿيا ۽ ڪين جاگيرون مليون. جسي جو اولاد جَساڻي راڄ (سنڌ ۽ ڪاري ۾) ۽ مَندو جو اولاد مَنداڻي راڄ (سنڌ ۽ ڪڇ ۾).

● سنڌ ۾ مَلڪ جي پائيچاري ۾ چار وڏا راڄ:1. اوٺار،2. مَنهون راڄ،3. پڪي راڄ،4. ڪارائي. اوٺار اهي جيڪي اصل ڪان وٺي هن وقت تائين اٺ ڌارين؛ اهي اوٺاريا اُٺ پُري راڄ سڀ مَلڪ سان آهن، جڏهن ڪڇ ۾ نتيار راڄ جيڪي ٽِني (ڳئون، مينهن) ڌارين سي سڀ لاکي سان آهن.

ـ اوٺارن ۾ شامل راڄ: جيئنداڻي، عمراڻي، چاڪراڻي، مَنگهاڻي، زَهري، مَموساڻي، ڏَڏڪاڻي (ڏڏڪي جا وينل جن ۾ بلالاڻي ۽ پيا شامل)، بهلاڻي،

عيسباڻي، للاڻي (جاتيءَ لڳ). دَبائي (گهٽا راڄ) ائيون بہ ڏارين ۽ مينهون بہ ڏارين.

ــ مَنَهون راڄ: اهو مجموعي نالو آهي جنهن ۾ گهٽا راڄ شامل منهون راڄ مان ماهيڙ، مڪڙا ۽ پٺاڻي ائيون ڏارين. اهي گهٽي وقت کان وٺي هَل هلان ڇڏي، مَنَهن اڏي تي ويٺا ۽ پاڙيسرين سان سنڌي ڳالهائڻ لڳا. فقط مَنَهين راڄ وارا ئي آهن جيڪي جتڪي ڪين ڪن ۽ سنڌي ڳالهائين. انهن ۾ شامل سسئي وارا، رهيجي وارا، گبول، ڀاتي، اوناڻي، پيروزاڻي، ريدار، چنڙائي، ملان، ٻيلائي، ماهيڙ، مڪڙا، پٺائي، جماڻي، مارواڻي، ميوا، گيانچ. انهن مان ڪي ائيون بہ ڏارين جئن تہ ماهيڙ، مڪڙا ۽ پٺاڻي. اهي سڀ ملڪ جي پائيچاري ۾ آهن. ڪڇ ۾ گراسيا مَنَهن راڄ آهن پر اهي الڳ آهن.

ــ پڪي راڄ: يعني پڪن وارا جيڪي هڪ هنڌ وينل نہ آهن پر سانگي سان جتي ويهن اتي پڪا هٽي ويهن. ولاسيا (ولاسي وارا)، لاکاڻي ۽ ٻيا پڪي راڄ ۾ شامل آهن. بلوچن جي راهہ رسم موجب ٻين وانگر، اهي بہ گهگهيلا ۽ پَن پَردي وارا آهن. پڪي جي پٽ سنڌن سماج جو سهاڳ آهي، شاهہ جي رسالي جو بيت آهي تہ:

پڪي ڏري جو پردو، گهگهيلي جو پرم
رکج شاهہَ شرم، لائق لاڳي جا ڏٿي.

پڪي ڏري= پڪي جي ڏري، ديگهہ يا لانڊ. پوت=' پڪي جي ويڪر، شاهہ= بندر جو شاهہ، لاڳي جو ڏٿي= محصول جو مالڪ. هيءَ بيت سامونڊي ڪناري لڳ پڪي راڄ وارن لاءِ دعا آهي.

# باب ٻيو

# جت بلوچ شاهه عبداللطيف جي نظر ۾

شاهه عبداللطيف رح جيڪو اڄ کان 258 ورهيه اڳ ٿي گذريو ۽ جنهن کي سنڌ جي بلوچن، جتن جي پوري ڄاڻ هئي، تنهن بلوچن کي جت ۽ جتن کي بلوچ سڏيو آهي. هيٺ شاهه صاحب جي بيتن مان مثال ڏنا ويا آهن.

(الف) ساڳئي بيت ۾ جت بلوچ ساڳي ڳالهه، (ب) جت ۽ ڪيچي ساڳي ڳالهه، (ج) جت ۽ پنهون ساڳي ڳالهه، (د) بلوچ، ٻروچ، جت ساڳي ڳالهه.

[انهن مثالن آڏو، سرن، داستانن ۽ بيتن جا حوالا شاهه جي رسالي جي مستند متن جلد 8-9 مرتب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سنه 1999ع جا آهن].

## (الف) ساڳي بيت ۾، جت ۽ ٻروچ ٻئي ساڳي ڳالهه:

ووڙيم سَڀَ وَٿاڻَ، جَارَ ڪارڻَ جَتَ جي،
سَڀَ ۾ پُنهُون پاڻُ، ٻِئو ناه ٻَروچ ري.
(آبري 7:3)

ٻانهي ٻاروچَنِ سين سگَ نه ساهينديس،
آهَ نه لاهينديسِ، جِيري جَتُ ڏسي مَران.
(آبري 9:5)

جَتَ پانهنجيءَ جوءَ ۾، جانبَ مَانَ جيئنِ،
ٻانهي ٻاروچا پانهنجي، سَگِرِ مانَ سڏينِ.
(ڪوهياريَ 5: وائي)

آءُ تي ڇلان ڇپرين، جان ٻاروچن ٻاجهه گهٽي،
پنهونءَ ڏاران پٻَ ۾، ٻيلي ناه ٻٽي،
جَتن ڇڏي آهيان، ڇڏمَ ڪيچ ڏٽي.
(حسيني 5: وائي-2)

لَڪَـڙيـاريُون آگـريُون، ٻاروچـاڻو ٻيـرُ،
اَڇي پَسـنـو جـيـڏيون، تازو پُنهـونءَ پير،
ويچـاري سين وير، جتن جـيـڏوئي ڪِئـو.
(حسيني 11:11)

لکين ٻِيُـون، لطيف چَـئي، ٻانَهيـون ٻاروچَنِ،
سندي ذات جتن، آهي اَٻاجـهـي گـهـڻـو.
(معذور 5:6)

جـتـا شـال جِـئـو، جـئـو ٿـا جـاڙون ڪَـريو،
ٻانيـڻ جـــو ٻروچ ري ٻيلي ناهہ ٻيـــو
(ديسي 14:1)

ڏيئي باهہ ٻَنيـور ڪي، جَتن سين آءُ جـاندي،
آهيـــان آريـچن جي گـــولي آئون ٻَانـدي،
ڪڏهن ٿـينديَس ڪيچ ۾ هوتن سين هيـڪاندي،
ڪَرَمَ سان ڪَريم جي، ڪيـچي ٿيندم ڪانڌي.
(حسيني 12: وائي-3)

## (ب) جت ۽ ڪيچي ساڳي ڳالهہ:

جَتَنِ جارانو، ڪيچن مون سين ڪونَ ڪئو.
(ديسي 19:1)

وينديَسِ ڪيچ ڪَهِي، سيـڻَنِ سـاڻ صحي،
آئون جـــينديُـس تـان نـہ جَـــتَـن ري.
(ديسي 6 وائي-1)

وَجي ڪيچ قـــرارئا جَتَ پنهنجي جـــاءِ.
(حسيني 1:4)

منهنجي حُـجَـتَ ناهي، واٽ، ڪانهي واٽ،

جـــيـــجـــان تَـنِ جَـتَنِ سين،
تازو پيـر پُنهـونءَ جـو لڙئو منجهـــ لُڙاتَ،
ڪـنديَـسِ ڪـيـچَ ڏئين لاءِ لـڪ ۾ لـولاتَ.
(حسيني 7: وائي-1)

سـوجي پَسـان ڪيچ، جـو ڏيهـ ٻاروچن جـو،
پُنهــون وِڏمِ پيچ، نســوروئي نيـــه جــو.
(حسيني 8:11)

ٻَلي ڪري تــيـــوم، هيءَ سڳَ ٻاروچـن سين،
وَجي ڪـيـچُ ڏنـــوم، پُنيءَ لَڳي جن جي.
(حسيني 12: 12)

## (ج) جت پنهون ساڳي ڳالهه:

جَـيـڻُ جَتَ ڏارا، مــعــذور جــو مَس تــئي،
اڪـيُـون اوتَـارا، پَسـنِـو رُونِ پُنهـونءَ جـــا.
(آبري 10:5)

قُـــوڙائون فـــقـــيـــرَ ڪي ڏنو جتن ڏات،
رفـــيع الدرجَــات، پَرمَلُ پنهــون مـــيــڙئين.
(ديسي 5:3)

ٻِـئا پُڙُ تَنِ جَڳَ، مـنهنجي پرت پنهــونءَ سين.
(معذور 7:6)

ڪُـه سي جِـيڻُ ڏينهَـڙا جي پرين پُنهـوئان ڏار،
گـهـڻــو اُڪنڊِي آهيـان، جَـتَـن جي جِنسـار.
(ديسي 7: وائي-1)

مـتـان جيءَ جَتَنِ، گـهورئو گـهورئي سسُئي،
پـازي جي پُنهـــونءَ جـــا، ڪارون ڪري تـنِ،

ڪيچ متان ڪاڪَنِ، ٻي شڪِري ٻَنيور جي.
(حسيني 22:9)

## (د) بلوچ- ٻروچُ ۽ جت ساڳي ڳالهه:

ڏٺان جي ٻَروچ، مون جٺن هوت اکين سين.
(حسيني6:12)
لَڳم ٻانُ ٻروچَ جو، وَسان تي ويَاسِ.
(حسيني 17:11)
سو مون ٿورو لاءِ، جِنن جنري مِلان جَتَ کي.
(آبري 2:1)
جَتَن سَانُ ڏرو، نيهُ نبيرَنَ نه ٿئي.
(آبري 6:4)
تو جو ٻولُ ٻَروچَ، ويهي ڪٺو وٽڪارَ ۾.
(آبري 13:4)
ساموتي ڪِيئَن مُئي، جنه جو جانبُ جَتَ وَئي وِئا.
(آبري 22:4)
رَتيءَ جي رِهانِ، جيءَ آڙايم جَت سين.
(آبري 5:15)
جَت وجي تو زور، اُپڙ ته اوڏي ٿئين.
(آبري 10:8)
وَجنِ جَت جَڏي ڪِٺو، جي ورونهَنَ وارا.
(آبري 8: وائي)
ڏيئي مرڃُ ڏونگرَين جَتنِ ڪارڻ جيءُ.
(معذور 12:2)

مَـــرُ تہ مـــڙين ســـــئي، ڄِـيڻُ آڏو جَتَ.

(معذور 3:4)

جَڙَ جاهنيم جَتَ، تنہِ ڳُجهيءَ ڳاريَم جندڙو.

(معذور 15:5)

جَـتَن جـا جيـڏيون هُئـڙَم سُکَ سَـرتيُـون.

(ديسي 13:1)

ڄَـاڻان جي جَـتَن، پوءِ پتـاندرڙ هيـتـرو.

(ديسي 18:1)

لڏيندي لِباسُ، جَـتَنِ جـيـڏوئي ڪَيـو.

(ديسي1:22)

نـالي نِمـــاڻي، ٻاجـــهـــاري ٻَروچ ري.

(ديسي 1:2)

جــاڳــائي جَــتَنِ، گــورا گس هَلاڻيــا

(ديسي 8:2)

لَڏائين لَطيفُ چـئي جُـوءِ جَتن ي جــاءِ.

(ديسي 11:2)

اڱڻ اُهيـــئي، جَت نہ پَسَـــان جُــوءِ ۾.

(ديسي 2:4)

جَتن سان جـانڪون، سَرِتيـون مون سَگَ ٽـئو.

(ديسي 13:4)

مـنهنجـــو وَسِ واڪَا، ٻَڌڻ ڪَمُ ٻروچَ جـــو.

(ديسي 2:6)

ڦـــذا ڏير ڦَنگي وِئا، هُئــا جـــوراڻا جَتَ،
مـــاڻهــو ڏِينَمِ مَتَ، لڄَ بلـوچــان نشـــتـغــان.
(ديسي 6:7)
ٻانهـــــوتي ٻانهي، زر خــــريد جتن جي.
(ڪوهياري 7:3)
ڪُــوءِ ٻولي ٻَنِ ٻَروچُ، گـهــوري ذاتِ جتن جي.
(حسيني 2: 15)
ڏورِج پاسي ڏک، تہ پـوي ٻاجـــهـــہ ٻروچ ڪي.
(حسيني 7:3)
لڄـر ٻَاڻُ ٻروچ جـــو، اَمَــرِ جـــهُلِ مَرمُـــون.
(حسيني 10:6)
يـــــينر يـلـيءَ يَت، لَڄـر ٻاڻ ٻروچ جـــــو.
(حسيني 11:6)
لَڄـرَ ٻَاڻُ ٻروچ جـــو، ڪرها تــئــا قَـــزاق.
(حسيني 12:6)
رُلي يـــانـيَـئـہِ رانـدِ، ٻانيَـڻِ عِــشـقُ ٻروچ جـــو.
(حسيني 8:5)
هـاڙهي جـــو بـلـوچ، ڏاڍي ڪِـنـہ ڏُکِ مِــــڙي.
(حسيني 14:7)
جَـنِي مـــاءِ مُــنــو، سي جَتَ نہ پَـــسان جُــوءِ ۾.
(حسيني 8-وائي)

مـري تـينديَس مُـڃ، جَـتَنِ ڪارڻ جيـڏيون.

(حسيني 19:9)

اَڄِ نـمَـاڻا نيـڻَ، ٻاجــهـارا ٻَروچَ ري.

(حسيني 21:9)

لاڻي جَتَّ جَـتَنِ سين، آءُ جا چَڙهيس نيـه نظاري،

آءُ جـا ڪُـنـيَسِ ڪوهـيـاري،

مَڃُ منهنجي مَنَ تي، ويو ٻاروچـو ٻاري.

(حسيني 9- وائي)

مـتان چوءِ بلوچُ، ڪميڻيءَ مان ڪين تيو.

(حسيني 13:11)

پـڇي پورج سـسئي، بلوچـائي ماهه.

(آبري 1:وائي-1)

لڪو ڪينَ لطيف چَئي، ٻاروچـو ٻئي پار.

(آبري 12:3)

سُڻ تو سَگَ نـه واتَ، ٻانيَڻ ٻاروچن سين.

(آبري 11:4)

ٻنڌَڻ ٻاروچن جـا، پِينگهي مَنجهه پـئامِ.

(آبري 1:وائي-2)

تان ڪِين واس وهائيـان، ٻاروچي مُـلا.

(آبري 7: وائي-2)

ڳـاهايـون هـوت ٻاروچي سـاڻ-وو

منهنجي جيءَ جـون جـيـڏيون.

(آبري 11: وائي-2)

جنھ گس ٻاروچا وِئا سو سرتيون تان نہ سُجھي.

(ديسي 13:3)

وِئو ٻاروچو نِڪري، سُورَچڪائي ساءُ.

(ديسي11:4)

ٻاروچائي ذات، مَنان مُئي نہ وِسري.

(ديسي 3:5)

تہ مُون ڏينھن سنئون، جي ٻيھَر ٻاروچي مِڙان.

(ڪوھياري 8:3)

ٻاروچائي ذات، پينر ٻُکي آھيان.

(ڪوھياري 7:4)

ٻانيڻ کي ٻروچ رءِ، تي ڏکن سان ڏيني.

(ڪوھياري 2:5)

وِئو ٻاروچو نِڪري، ھائي ڪَريان ڪيئن.

(حسيني 11:1)

مَتان مَتي مَچُ، ٻَريمِ ٻاروچَلَ جو.

(حسيني 2:2)

جيڪُسي باروچن، ڪو ڏنو عيب اکين سين.

(حسيني 7:4)

پڏي وَس ھُئا، ٻاروچا ٻَنيورَ ۾.

(حسيني 1:5)

ھُئا وڏي وَسَ، ٻاروچا ٻَنيورِ ۾

(حسيني 6:5)

ٻاروچا ڀَاڄهہَ ڀَرئا، جو گوشي هوند گڏيام.

(حسيني 5: 14)

جَن لڳئـو تن لَـڪـئـو ٻاروچـائو ٻَاڻُ.

(حسيني 6:20)

جيـڪا ڪَندي نيہُ، مـون جئـن ٻاروچن سين.

(حسيني 7:9)

هاڙهي جـو بلـوچ، ڏاڍي ڪِنہِ ڏک مِـڙي.

(حسيني 7: 14)

# باب ٽيون

# جتڪي ۽ قديم سنڌي

جت- بلوچن جي ٻولي 'جتڪي' ۾ 'قديم سنڌي' جي خاڪي جا وڏيڪ اهڃاڻ موجود آهن. سٽاءَ جي لحاظ سان، 'جتن جي ٻولي' ۽ 'موجوده سنڌي' ۾ ايترو فرق ڪونهي، مگر 'جتڪيءَ' ۾ ڪي خصوصيتون باقي آهن جيڪي غالباً 'قديم سنڌي ٻولي' جي آثارن ۽ اهڃاڻن جون يادگار آهن. انهيءَ سلسلي ۾ هيٺيون خصوصيتون غور طلب آهن.

1. 'جتڪي' ۾ ڪافي الفاظ موجوده سنڌي لغات کان الڳ ۽ انوکا آهن، جيئن ته ڳِينهُن (ڳھر)، جَرَ (پوتي)، پيے ل (ننڊ)، گھيت (ننڍو ٻار)، نائي (سوڙ، مٽان پائڻ جي)، مَڙي (ماءُ)، اُڙ (ڏاچي) وغيره وغيره.

2. جتڪي جا ڪيترائي الفاظ اهڙا آهن جن ۾ 'ذ' يا 'ز' اُچار موجود آهي، جيڪو سنڌي ۾ اڪثر 'ھ' سان بدلجي چڪو آهي.

| جتڪي | سنڌي |
|---|---|
| 1. مَازِ | ماھ گوشت |
| 2. ميز | مينهن |
| 3. ٻيزِ | ويھ |
| 4. ڏُز | ڏھ |
| 5. اوٺيزَ | اوٺيھ |
| 6. وِيز | ويھ |
| 7. ورز | ورهيہ |
| 8. ڳيذُون، ڳيدون | ڳيھُون |

9. سَزو سَهو

10. آذمي آدمي

11. سَزرَو سهرو (ع. صحر)

مٿين لفظن مان 1 کان 9 تائين هند- آريائي زبانن جا لفظ آهن جن ۾ 'هه' ۽ 'ز' جي مٽ سٽ ٿي، 10 ۽ 11 اصل ۾ عربي لفظ آهن، جن مان 10 جي دال فارسي املاءِ موجب مٿجي 'ذال' ٿي ۽ 11 ۾ 'د' ۽ 'هه' کي 'ز' ڪري اُچاريو ويو.

**3. ضميرن جي صورت هن طرح آهي:** 'اَجو' يا 'اَجُون' (آءٌ، آئون)، اَسِي (اسين)، اَتُو (تون)، اِئين (اوهين)، هو يا اُسي (هُو) ۽ هي (اِهي). انهن مان ٽي پويان ضمير بالڪل انهن صورتن ۾ موجوده سنڌي ۾ پڻ ايجان تائين رائج آهن.

**4. حروف استفهام:** ڪاڙو يا شاڙو (ڇا)، ڪاليے (ڇو)، ڪِذيے (ڪٿي)، ڪيٿي يا 'ڪِيٿيے' (ڪيڏانهن)، ڪِيلان (ڪڏهن)، ڪوهين (ڪيڏانهن)، ڪَاهو (ڪهڙو). انهن مان پوئين حرف 'ڪاهو' ايجان تائين سنڌي ٻولي جي 'ڪوهستاني' محاوري ۾ رائج آهي. جتڪي جو 'ڪيٿي' ۽ ڍاٽڪي جو 'ڪيڻ' ساڳيا لفظ آهن ۽ ٻنهي ۾ ساڳي لغت جو قديم نشان آهن.

**5. ظرف:** مثلاً هِيٿيے (هيڏانهن)، هُوٿيے (هوڏانهن)، تَائن (مٿان)، ٻُٺاءِ (هيٺان)، ڳُذِرَاءِ (پويان). انهن مان پهريان چارئي لفظ آڳاٽي 'مقامي سنڌي' جا آهن، باقي آخري لفظ بلوچي ٻولي (ڳُدا يا ڳُڙا) جو آهي. جنهن جي اصلي صورت مقامي محاوري جي اثر هيٺ بدلجي وئي آهي.

**6. اضافي صورتون:** مَانهُون (منهنجو)، سَانهُون (اسان جو)، توهُون (تنهنجو)، وَاهُون (هنن جو)، پانهُون (پنهنجو).

سنڌيءَ ۾ پهريون ٽي صورتون موجود آهن، مگر معنيٰ بدلجي چڪي آهي. (مَانهُون= منهنجي طرفان، سَاهُون= اسان جي طرفان، توهُون= تنهنجي طرفان).

آهن. 'جتڪي' ۾ 'ماضي مطلق' جا صيغا 'ي' جي اضافي کان سواءِ آهن: جئن ته 'آئو' (۽ نه آيو)، ڳالهائو (=ڳالهايو)، پو (= بيٺو)، ڪو (= ڪيو) وغيره.

هي ڪم مين ڪو= هي ڪم مون ڪيو

هي ڪم پين ڪو= هي ڪم تو ڪيو.

هي ڪم هُوڻ ڪو= هي ڪم هُن ڪيو.

هي ڪم اَئين ڪو= هي ڪم اوهان ڪيو.

غالباً 'قديم سنڌي' ۾ پڻ ماضي جي ساڳي صورت هئي ۽ اڃان تائين سنڌي ۾ ماضي لاءِ انهي سٽاءِ وارا الفاظ موجود آهن. ڀٽائي صاحب جي رسالي ۾ 'آئو' جولفظ آيو آهي.

"پاٽي پٽهيل ۾، اڳيون نه آئو" (سر ڏهر)

عام ٻولي ۾ 'مو'(= مئو)، 'سو'(=سئو ٻڌو) ۽ 'چو' (چيو) جا اُچارموجود آهن.

جت- بلوچن جي قبائلي ٻولي جي مٿين مختصر جائزي مان هيٺيان نيجا نڪرن ٿا ته:

جت- بلوچ قبيلن صديون اڳ سنڌ ۾ اچڻ ۽ رهڻ سان، سنڌي ٻوليءَ جي ميلاپ سان 'جتڪي' اختيار ڪئي، انهيءَ ڪري ان جي مطالعي مان 'قديم سنڌي ٻولي' بابت هيٺيان نتيجا نڪرن ٿا.

11. جتڪيءَ ۾ 'تا' (=ٿا)، وِز (= وِجهه) وغيره جي استعمال مان گمان نڪري ٿو ته 'اڳينءَ سنڌي'۾ 'هه' سان مرڪب اچار (Aspirates) گهٽ هئا، ۽ اهي پوءِ اُسريا.

12. 'ڪ' (ڪي) تِ (تي) وغيره حرفن جي صورت وارن لفظن توڙي ماضي جي (بنا 'ي' ۽ 'ءَ' جي) 'ڪو' ، 'پو' وغيره صورتن وارن صيغن مان معلوم ٿئي ٿو ته 'قديم سنڌي' ۾ گهٽا الفاظ صحيح حرفن ۽ ننڍين حرڪتن (زير، زبر، پيش)

سان مرڪب هئا، ۽ انهن ۾ (ا، و، ي) جي زائد اُچارن جو استعمال نسبتاً گهٽ هو.

13. 'ڪَڙو' (هڪڙو)، ڪَڙِي (هڪڙي) وغيره لفظن جي سنڌ ڏيکاري ٿو ته سنڌي اچارن ۾ 'هه' جو ضمني اضافو نسبتاً پوئين دور ۾ ٿيو. موجوده دور جي مطالعي مان پڻ ظاهر آهي ته سنڌي لفظن ۾ 'ن'، 'هه'، 'ء' ۽ 'ي' جو اضافو گذريل سؤ ڪن سالن کان وٺي گهڻو وڌيو آهي.

# پاڳو پيو

# جتڪيءَ جو گرامر

# باب چوٿون

# اسم

1. جتڪيءَ جا گھڻا اسم سپ ساڳيان سنڌيءَ وارا آهن پر ڪي نالا اصلي آڳاٽي ٻولي جا آهن.هيٺ اُنهن خاص نالن وارا ڪي اسم ڏجن ٿا.

ڳينهَن (ن غُنو)= گهر

گهيٽ(گهي ٽ)= ٻار

ميز (مي ز)= مينهن

جَرَ= ڪپڙو، لباس

سَرو= سهو

پَئو= پائينچو، پاڳو

پَاهَڙ= توبرو، آهرو

پينگهَڙ= پينگهو

پَل= ڪسي

سُٽرَائي= وڏي سوئي (سَوَڙ سبڻ واري)

چيٿ= چيڙ

رزاڻ= ٿانو

سُترِ= سُٽ

ڪَنبَلي= ڪندي

ڏَال= رپ، ڪس

مَٽيوڪو= موتي

ڪَرشو= گڏون

مهندر= ريشمي گلن وارو ڏاڳو جيڪو جانورن جي ڳچي ۾ ٻڌجي

ڪينهوڙو= بال

هَرڪَارو= ڪَڙَاهي، پتيلي

شوشَاڪو= ڪوريئڙو

اُز= اوهه

وَزه= چربي

مِڪلي= ڪِرلي

وِزه= زهر/ وِحه

چِڏاڻ/ گولي= توڏي

بِغاتو= بگهڙ

ڪِرانڪ= ڪانو

مَاز= ماس

گاز= گاهه

ڪويو= ڪوئو

ٽَلي= جوئر

ٿونهُون= ٿوهر

ڪُراڙي= ڪهاڙي.

گوربَند= ڇاتي پٽو
ڪَرڪَا= ڇڙا
جهُوريُون= سينگار جو سامان (گوربند لاءِ)
ٻَاهوتا= گوڏي مٿان ٻڌل
لانتِي= اُٺ جي نڪ جو ڪوڪو.
ڪِيٽي (ڪے ٽي)= مُهار
ڇِمر/ سَرمَال= ڪيٽي سان ٻڌل گِرانٺ جيترو ڏاڳو.
ڦالهي= اُٺ جي پير جو ننهن.
وِٺهَ= جالنگ(جيڪا ڏاچي جي ٿڻن تي چاڙهبي آهي)
ڪوڪِي= ٻنهي ڪُڪن (پاسن) کان ڦيرايل رنگين ڏاڳا (سينگار لاءِ)
سَايَاغِي= ڪنڌ کان ڦيرائي ڪوڪي سان ٻڌل رنگين ڏاڳا. (سينگار لاءِ)

## (ب) زيور

رَم زول= پير ۾ پائڻ جو زيور
مُندري= منڊي
الِي= ٽڪلو (مٿي جو)
دُرِيچَا= ڪَن جي والي (گول پٽي سان)
ڏيوِڙي= ڪن ۾ پائڻ جون واليون.

## (ج) مائٽيون

سَزرو= سهرو — سَزري= سس
پَاٽريو= پاٽنيو — پاٽرِي= پائيٽي
ڏوهِترو= ڏوهٽو — ڏوهِتري= ڏوهٽي
پوٽِرو= پوٽو — پوتري= پوٽي
نِشَارَ= ننهن

## (د) گهر جو سامان

ڏوئِلو= وڏي ڏوئي
نِهرو= چوٽرين وغيره ٽنگڻ لاءِ آڪ جو شاخن وارو بند

رِزاڻ= ٿانو

ڇيتِ (ڇــے تِ)= ٽپڙي، ورَاڻي

گيچَڻ= پُرڻ

ڪُلي مُهلي= اُڪري مهري

جَندر= جنڊ

دونَ= ماٽ

زَهٽو= وهاڻو

نَائي= سوڙ

بوف/ بوو= پتراڻي

پُڙ= پڪ، رلي وغيره جو پلسو

لِيھ= لِھُ

ٽنگٽَا= ڪالر يا چولن جي ڳچي ڪي ٻڌل ڌاڳا (سينگارڻ لاءِ)

ڦدوڙَ= چولي جو ڪيسو

پوذبر= ڪَنڍُڙو (اَجرڪ جي پن پاسن ڪي ڳنڍڻ وارو پرت)

## (ھ) مال متاع، جهنگ جهر

ڪِروت= ھَلر

ٽوڙو= رسي جو ننڍو ٽڪر

